ماڻڪ

مئل زندگي

ڪهاڻيون

- مئل زندگي
- بيٺن قيرو
- ڪلارڪ جي پهرين تاريخ
- اشتاهر جو موت
- قتائو موت

سورهہ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورهہ· ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

پبليڪيشنس

پرنٽر : سيد مظفر حسين، پرفيڪٽ پرنٽرس، ۴۷۴ صدر حيدرآباد
پبلشر : مير احمد، الهندو ڪچو، حيدرآباد سنڌ.

قيمت: پنج رپيا

Soorih Mirani

مئل زندگي

(ڪهاڻيون)

- پيٽل ڦيرو
- وقتائتو موت
- ڪلارڪ جي پهرين تاريخ
- اتساهه جو موت
- مئل زندگي

Soorih Mirani

بيٺل ڦيرو

Soorih Mirani

اهو مون کي ائين لڳي ٿو، يا سچ پچ ائين آهي؟

موڪل ته هونئن هر آچر تي به ٿيندي آهي. پر ائين نه محسوس ڪندو آهيان، جيئن اڄ. پانيان ٿو اڄ مون سڄو ڏينهن ڪن اڻ-ڇاتل احساسن ۽ جذبن جي لوڇ هيٺ لوڇيو آهي. ڪهڙا احساس ۽ جذبا، سمجهي نه سگهيو آهيان. مبهم آهن، اڻ-ڇتا. يا مون ۾، تن کي سمجهڻ جي مٽيا ڪانه آهي.

خير، ڏينهن گذري ويو، هر ڏينهن وانگر. پر هيءُ انوکو، آزاديءَ ۽ نجات جو ڏينهن.

ڏينهن جي ختم ٿيڻ ۾ باقي ڪو وقت هوندو.

اٺين. ڪولين ۾ بند ٿيڻ جو وقت ٿيڻ وارو هوندو. اڳتي رڙهندو وڃان. اڄهو ڪي گهنڊ وڳا.

برج

جيل جون ڍ گهيون پٿيون

ڪليل ڇتو نيرو آسمان

شام جو هن مهل جو جيل جون ڍ گهيون، ڍ گهيون پٿيون ڪيڏو نه اداس ٿيون لڳن. ويڳاڻيون. لهندڙ سج جا سونهري ترڪا ۽ نماشام جو هيءُ سمو هر شيءِ کي ابڪاڻيءَ جو گهرو رنگ ڇو ٿو ڀري! ها، هيئر سمجهه ۾ آيم ته اڄوڪي آزاديءَ جي ڏينهن تي، لوڇيل

Soorih Mirani

احساس ۽ امنگن ۾ اداسيءَ جو هڪ عنصر به هو. ۽ هيءَ نم جو وڻ به، جنهن هيٺان مان ويٺو آهيان: اداس آهي، اڪيلو (يا مون کي لڳي ٿو). هن اڪيلي نم جي وڻ هيٺان ويهي، مان جيل جي سپرنٽينڊنٽ جي هدايت— نه، هدايت نه، چاڪاڻ ته جيل جو حاڪم هدايت نه ڏيندو آهي. حڪم ڪندو آهي، سو جيل جي حاڪم جي حڪم موجب آزاديءَ جي جشن جو لطف ماڻي رهيو آهيان—

"اڄوڪي ڏينهن تي اسان کي آزادي ملي هئي، اڄوڪو ڏينهن آزاديءَ جهڙي بي بها نعمت جو تحفو ڏيندڙ ڏينهن آهي. ۽ اسين هڪ باوقار قوم جي حيثيت سان دنيا جي نقشي تي اڀريا هئاسين... هيءُ اسان جي تاريخ جو عظيم تر ۽ قابل فخر ڏينهن آهي... جو هن ئي ڏينهن تي هيءَ ترقي، ترقيءَ جا کيت، ڪارخانا، ملڪيتون ۽ ماڻ کي مليون هيون."

— (۽ مون کي؟)

هون: اهو نيڊو جيار هو، جنهن تاڙين وڄائڻ جو اشارو ڪيو هو.

”اوهين ڄاڻو ٿا ۽ اوهان هتي انهيءَ جو شدت سان احساس به ڪيو هوندو ته، آزاديءَ جهڙي نعمت دنيا ۾ ٻي ڪابه ڪانه آهي.“

”سچ.“ رمضان پڙڪيو هو.

(اوڏيءَ مهل ننڍي ڄمار جون ڪرڙيون اکيون مٿس پيون هيون)

”اڄ ته هن تاريخي ڏينهن تي نئين سر عهد ڪيون: اسان هر قيمت تي پنهنجي پياري ۽ جان کان وڌيڪ عزيز آزاديءَ جو تحفظ ڪنداسين.“

تاڙيون.

”سو اڄ هن مبارڪ موقعي تي اوهان کي عام موڪل ڏني وئي آهي. جيئن اوهان آزاديءَ جو لطف ماڻي سگهو.“

۽ مان هتي، نم جي وڻ هيٺان، ڄڻ جي دکيون، ويڳاڻين پٽين جي اوٽ ۾ آزاديءَ جي ڏينهن جي پڇاڙيءَ وارين گهڙين جو لطف ماڻي رهيو آهيان.

آسمان صاف آهي. نيرو ۽ گهرو. سامهون برج تي پيتل سپاهي ٽڪل پيو پانجي. خير، منهنجو ڇا وڃي. آسمان جي ڇتي، نيري وسعت هيٺان اڏامندڙ سرڻيون ڪيتري بلنديءَ تي هونديون؟

الاءِ. آسمان جي نيراڻ ۾ رڳو گهري آهي، پر چٽي. هيئر جيڪر جهڙ ٿي پوي. ڪارا ڪڪر ڇانئجي وڃن. وڏ ـ ڦڙو وسي پوي.

۽ وڏو ـ ڦڙو ۽. هلڪي هلڪي ڪڻ ـ ڪڻ.

هلڪي بونداباريءَ سان، هلڪڙي ٿڌ جو تصور راحت ڏيندڙ آهي ۽ من ۾ عجيب گدگد پيدا ڪري خوشي اڀاريندڙ. اهڙي جهڙالي منڊ ۾ جيڪر ٻاهر هجان هان ته ـــ

!

ٻاهر گهاريل زندگيءَ جو هيءُ سوچ گاڏڙ تصور هڪ اڻ ـ پوري تسڪين جو احساس ڏياري ٿو! ۽ هٿن گهرجي. تعجب آهي! قيد، نيٺ قيد آهي. آزاديءَ جو دشمن.

'ٻاهر هجان هان'ـــ

دراصل اها منهنجي ڀرپور خواهش نه هئي. پر هڪ عام رواجي خيال، شرط سان: ٻاهر هجان ها. ان ۾ ڇڪ ڪانه هئي. ڀرپور تڙپيندڙ آس به نه. اهو چٽيءَ ريت محسوس ڪيان ٿو. بس، هڪ واڳهڙو خيال هو. ٻاهر جي زندگيءَ جو تصور ڪندي، جيل جي ڊگهين پٽين سان نظرون ٽڪرائڻ کان پوءِ لڳي ٿو، هنن پٽين جي حد تائين ئي زندگيءَ جي حد آهي. ۽ هن

Soorih Mirani

ڪان ڀوءِ ڪاٻہ دنيا، ڪاٻہ زندگي ڪانہ آهي. پر جڏهن ذهن جي زور تي اڳ جي ماڊيل زندگيءَ جو تصور ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو تہ، آها زندگي، ڏنڊلو ماضي— ماضي بعيد جو خواب لڳي ٿو. هڪ ڏکو ۽ ڏورانهون خواب جنهن سان منهنجو تعلق خواب جي حد تائين ئي رهيو. ۽ هيءَ جيل واري زندگي: انهيءَ ڏورانهين ۽ ڏکي خواب جو هڪ ڇڳل حصو. پر پنهنجي جاءِ تي مڪمل. تہ ڇا مان هتي، قيد ۾ زندگيءَ جي تڪميل يا زندگيءَ جي هجڻ مان ماندڙ اطمينان بخش لطف ۽ ڇاهہ ڀريو مزو محسوس ڪيان ٿو؟

نہ. بلڪل نہ.

دراصل، مون کي پنهنجي هن اڻ-ڇٽڻ خيال سان اتفاق آهي تہ، مان هيتي هجان، يا هُتي؛ ڪو فرق نٿو پوي.

اهو خيال جيڪو مون کي ڪڏهن ڪڏهن، اوچتو ايندو آهي.

ڪو فرق نٿو پوي؟ ڇا مون کي انهيءَ تي پڪو ويساهہ آهي. فرق پوڻ گهرجي. پوڻ تہ گهرجي. هيءَ قيد آهي. هتي پهرو آهي. برجن تي بيٺل سپاهي رائفلون کنيو بيٺا آهن. چوڌاري بجليءَ جي ڪرنٽ سان تارون آهن. پابنديون آهن. جن ۾، منهنجي مرضيءَ يا خواهش جو ڪٿو بہ دخل ڪونہ آهي. جتي پري نٿو سگهجي،

سواءِ حدن اندر، جيڪي هنن ٻاڻ مقرر ڪيون آهن. پهرو آهي. سوچڻ ڏوهہ آهي. سواءِ ڪنهن سوال جي، جيل جي حاڪم ۽ ان جي نائبن تائين ۽ سندن طرفان ٽاهيل ۽ لاڳو ڪيل قاعدن مطابق هلڻ، چرپر ڪرڻ، هتي جي سٺي ۽ باعزت قيدي هجڻ جي نشاني آهي. هتي پسند يا نا پسند جو سوال نٿو اڀري. جيل جي حاڪم جو هر گفتو قانون آهي هر لفظ ضابطو. انهيءَ جو نالو جيل آهي. ۽ جيل جي هنن وڏين ڀتين جي پويان هڪ آزاد دنيا. منهنجي سمجهہ ۾ ائين چوي ٿي. ۽ ٻيا ۾ چوندا آهن. ۽ هر قيدي، جنهن کي پنهنجي قيد هجڻ جو ذرو ۾ احساس ٿيندو آهي، ائين ئي چوندو آهي. پوءِ ۾ نہ ڄاڻ ڇو، هنن ڀتين کان ٻاهر جي زندگيءَ لاءِ ڀرپور ڇڪ محسوس نٿو ڪيان!

البت سمجهان ٿو، آس جي حد ٽاٽين
گهر
ور وکڙ گهٽيون
مکيہ روڊ: موٽرون - بسون - دڪان - رونق
آفيسون
ٻنڪ
ٻنڪ
بوريت

گهر

رات: ساڳي. صبح: ساڳي. منجهند: ساڳي. شام: ساڳي. رات: ساڳي...

۽ هتي:

فيڪٽري - اٺ - ڪوارٽر ۾ بند - ننڊ - جاڳ - فيڪٽري - ماني - ڪاڪوس - پيشاب -

ساڳيو...

چڪر آهي. ڦرندڙ ايندڙ ويندڙ، ان چڪر ۾ دل ٽيندڙ ڪڇي، اورت. پوءِ لائيف روٽين. سواءِ ڪنهن سواد جي، احساس جي.

چڪر: هڪ هند چميل.

ائين ٿي سگهي ٿو؛ ته — منهنجي لاءِ، هن حيثيت ۾، جنهن ۾ آهيان، اهم سوال اهو ناهي ته ڪٿي گذاريان ۽ ڪيئن؟ ۽ اهڙي چونڊ ڪيان. پر زندگي، چاڪاڻ ته؛ ها، چاڪاڻ ته گذارڻي آهي، گذري وڃي، جو گذارڻ لاءِ ملي آهي — ملي آهي! نه — دراصل مڙهي وئي آهي. اهو وڌيڪ درست آهي. اهو ته ظاهر آهي ته منهنجي پنهنجي يا راضپي ڪانسواءِ ئي

بهرحال، هاڻي اڻان، وقت — ڪجهه رمضان سان ڪچهري ڪيان ۽ پوءِ سمهان.

اڻان —

آزاديءَ جي ڏينهن جي لڳل جهنڊين ۾ هينئر اها رونق ۽ نواڻ نہ رهي آهي. ڪيتريون جهنڊيون نوڙين مان ڇڄي هيٺ پڌر تي ڪِرڙجي ويون آهن. هوا تي هيڏانهن هوڏانهن پيون اڏامن. ۽ ڏينهن ٻہ — آخري پساهن مهل وڏيڪ اپاڻڪو ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ صبح واري جوڀن جي هلڪي رونق اڃا اٿس؛ اها رونق مون لاءِ هينئر اڪيلائيءَ جي احساس کي وڏيڪ اپارڻ جو ڪارڻ بنجي ٿي. ۽ — عيد جي ڏينهن ٻہ تہ اهڙي ئي اڪيلائپ ۽ ڌاريائپ جو ڇڙو احساس ٿيندو اٿم! جڏهن هرهنڌ، هرڄڻو، ڀرپور خوشيءَ واري ڏڻ ۾ پاڻ وڃائي ڇڏيندو آهي.

هينئر تہ مان پاڻ کي عجيب عجيب لڳي رهيو آهيان. جيئن ٿو سانوري شام جو رنگ گهرو ٿيندو وڃي، تيئن پنهنجو پاڻ کي ڌاريو لڳي رهيو آهيان. هن ڏينهن وانگر، جيڪو آزاديءَ ۽ نجات جو ڏينهن آهي. اسان جي آزاديءَ جو ڏينهن. يعني منهنجي آزاديءَ جو ڏينهن. هائي آ

اوهہ! ڪهڙا نہ سهڻا پکي آهن! ڏنڊ جا آهن. ڳڻان... هڪ - ٻہ - ٽي - چار - پنج - ڇهہ - ست - آٺ - نَوَ - ڏهہ - يارنهن — ٿهيو.

نيري آسمان جي ڦهليل ڇٽي نيري وسعت ۾، سندن اڇاڻ پياري ٿي لڳي، ۽ سندن قطار، وڃي رهيا آهن،

قيد جي برجن واري اڏول ۽ باوقار لڳندڙ پٿين جي هن پار، خوابن جي جڳ ۾، جتي ڇيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته آزادي آهي. هر ڇڻو آزاد آهي، جيل جي هنن پٿين کي ڏسندي ڏسندي لڳندو آهي ته، جڏهن کان زندگي جو وجود ظهور ۾ آيو آهي، هيءَ پٿ آهي،

پکين جي قطار؟ ڏک ڏانهن اڏامهين. اڙي گهر ۾ ـــ ته، پکين جي اها قطار، اسان جي گهر مٿان لنگهندي هوندي ـــ

گهر

بابا هيٺ نيڊڙي اڱڻ ۾ کٽ تي چلم مان ڦوڪون پريندو هوندو. امان سندس پر ۾ ويٺي هوندي، ڪچهري ڪندا هوندا، بابا ڪيس پنهنجي صاحب جون ۽ آفيس جون ڳالهيون ٻڌائيندو هوندو، ۽ امان وري اوڙي پاڙي جي ڪنهن نوجوان نينگر جي ـــ ۽ منهنجو به ذڪر

ادي؟ ـــ بابا ۽ امان جي کٽ جي ٿورو پر - پرو واڏاڻ جي منجيءَ تي ڦٿوٿو ڏيندي هوندي، ڪاٺ جي ڦٿوٽي ۾ آيل جون آڱوڻن جي ننهن سان ماريندي هوندي. هرروز هن مهل ائين ٿيندو آهي. پوءِ اٿندي. ڇانور سوئيندي. رڌيندي. کائيندا. سمهندا. صبح جو اٿندا. نيرن وري منجهند. وري شام. وري

!

ساڳيو ڦيرو!

سمجهه ۾ نٿو اچي هن ريت زنده رهڻ جي معنيٰ
کهڙي ٿي سگهي ٿي؟

'جڏهن الله تعاليٰ کي پنهنجي وجود جي ظهور جو خيال ٿيو، ته هيءُ جهان، انسان، حيوان، جنات... هڪ اشاري سان خلقيا آهن، ڪنهن مُلي جي واتان ٻڌو هوم يا... خير، ڪيڏي بيوقوفي! محض پنهنجي وجود جي نماءَ لاءِ سڄي خلق ڪي— اهڙا ڪهڙي ذاهپ آهي؟ ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هوم: سج جي گولي مان هڪ ذرڙي جو الڳ ٿيڻ، زمين جو ٿهڻ، اميبا... انسان جو بتدريجي وڌڻ— هي سڀ ڪجهه ارتقائي حادثو آهي. ڪيڏو المناڪ

اٺان. هيئنر ته بند ٿيڻ جو ٽائيم اچي پريو هوندو. ڪيترو ٿيو هوندو؟ پانيان ٿو ته — هر هتي جيل ۾ ته رڙهڻ جو احساس ئي ڪونه ٿو ٿئي. زندگي ڪيڏي سست آهي. قيد ۾ وقت جا ماڻ بي معنيٰ آهن. جي احساس آهي ته، وقتي — اڪيلائپ جي انهن گهڙين ۾، پنهنجي سڄهن سوچڻ مهل، پنهنجي قيدي هجڻ، ۽ قيدي هجڻ جي لحاظ کان ڪنهن مبهم انتظار جو، مبهم انتظار، جو خود سوال بڻيل هوندو آهي. ۽ وري اهو به عجيب ته: اهڙا ڏاڻ هوندي، ايندڙ ڏينهن، هر ماگئي ڏينهن وانگر، ساگيو ڏينهن آهي، پوءِ به،

ان جو انتظار! جي سپاهي هي گهنڊ نہ وڄائين تہ هوند وقت هڪ هنڌ چپ وانگر بيٺل لڳي.

لڳي؟ پر نہ — جيل ۾ وقت چميل آهي، سپاهين جا اطلاع ڏيندڙ گهنڊن جا اهي آواز، دراصل وقت جي چپ کي اڳتي ڌڪيندا آهن. جا ئي ٻہ وقت کي ائين هڙرادو ڌڪڻ هڪ قسم جي دلچسپ راند لڳندي آهي. پر، ساڳئي ڏينهن، ٺيان ساڳي رات، ساڳي رات ٺيان ساڳيو ڏينهن، وقت جي انهيءَ هڙرادو ريڙهہ جي جاکوڙ کي شاندار شڪست ڏئي ڇڏيندو آهي.

هاڻي اٺن گهرجي. سچ پچ هيءَ سڪون واري جاءِ آهي. دل ٻہ چوي ٿي تہ ويٺو هجان. ائين اڪيلائيءَ ۾ سوچ جي وهڪري ۾ وهندي، هڪ قسم جو مخصوص سرور اچي رهيو آهي.

پر، ويهي نٿو سگهان. پسند يا چونڊ منهنجي لاءِ ٻي معنيٰ لفظ آهن. جيتوڻيڪ ڀانيان ٿو تہ، اندر ۾ هلڪي هلڪي خواهش سرڪي رهي آهي: هتڙي ويٺو هجان. پر

هاڻي اٿان. متان رمضان اچي نڪري. اچڻ شرط عادت موجب ڪلي پڇندو: ”ڇا ويٺو ڪرين اڪيلوئي اڪيلو.“

”بس. آهئين“

”اڙي آهئين ڇا؟“

جاڻي ٻه عجيب جواب آهي. 'آهيئن'— اهو ته نٿو ڄاڻان. پر سدائين اڪثر سوالن جا جواب، انهيءَ لفظ سان ڏيندو آهيان. ضرور هيئنئر ڳوليندو هوندو. سندس رويي مان پڌرو آهي ته، دوستي رکڻ چاهي ٿو، جيل ۾ ساٿيءَ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. پر مون کي اڪيلائي پسند آهي. ٻئي جي موجودگيءَ ۾ عجيب قسم جي بي چيني ۽ مونجهه محسوس ڪندو آهيان ۽ پريشاني ٿيندي اٿم. وري سندس سوال مٿان سوال، ڪيڏو ڪک ڪندا آهن، اهو ٻنهه نه وڻندو اٿم ته مون کان ڪو سوال مٿان سوال ڪري. نه ڄاڻ ڇو، انهيءَ کي پنهنجي مٿان حملو سمجهندو آهيان ۽ نه ٿي سان ڪنهن کان سوال ڪرڻ چاهيندو آهيان. پر مان سندس دل ڀڃڻ نٿو چاهيان. انڪري سندس قرب ڀرئي رويي جي موٽ ۾ مناسب انداز سان ڏيڻي پوي ٿي. کلهه ٿي چيائين:

"مهيني کان پوءِ تون آزاد ٿيندين."

مان اڳ ٿي، پنهنجو پاڻ مان بيزار ويٺو هوس.

"پوءِ —"

"ٻاهر تون آزادي ماڻيندين."

"ماڻيندس؟ آزادي. هنن ۽ ٻهريدارن جي حدن کان پوءِ ڇڙڻ، ٻرڻ آزادي آهي؟" جواب ڏئڻ لاءِ، اڳتي سوچڻ جو ارادو اجايو سمجهي، لاهي ڇڏيم.

"هون." هن کي وراڻيو.

"ڪمال آهي!"، هن کي منهنجي ٿڌي ۽ بي پرواهيءَ واري موٽ تي حيرت لڳي.

مندس حيرت واري ڪيفيت تي، مان منجهيو هوس، ششدر وڃان، پوءِ هڪدم سوچ جو ڪانٽو حياتيءَ ۾ ملندڙ مختلف ڪيفيتن تي بيهندو، رڙهندو ويو:

— جستجو ۽ جاکوڙ: اتساهه ۽ جوش وچان. (جا پوءِ خفقان لڳندڙ)

— اميد ۽ آس: ويساهه جي روشنيءَ ۾ جرڪندڙ. (جا پوءِ سوچ جو سراب لڳندڙ)

— نراسائي ۽ نااميدي: اداسيءَ ۽ غم ۾ ويڙهيل. (جا پوءِ اجائي لڳندڙ)

اڪثر پنهنجي وجود کان اڻ-ڄاڻ: اهو ته مان آهيان ڪونه. جو ڏينهن جي روڻين ۾ گم ٿيل.

۽ پوءِ انهيءَ سوچ جي هرهڪ ُوهڪ ۽ انهيءَ ُوهڪ سان ڇرندڙ ڪيفيت ڇڏاندڙ هستيءَ جو هر رخ بي معنيٰ لڳندڙ. بس حياتي گذارڻ جو لفظ ايڏو وزني آهي جو—

يا ڪا معنيٰ زنده رهڻ لاءِ جواز بنجي سگهي ٿي؟ جي ڪا معني ڏنل ناهي ته پوءِ — مون وانگر هيءَ به هيتي يا هتي

"ڇو! جواب ٿو ڏين." هن سجاڳ ڪيو هو.

"هان! — هون."

هو ڪاڙهيو هو، پاڻوهه منجهان، مون ذاتهن معني خيز نظرن سان نهاريندي، هن جي ڪل ۾ منهنجي لاءِ پيار هو، ان پيار ۾ سادو ۽ پاڪ خلوص هو. (۽ رحم جو جذبو به؟) ان پيار ۾ مون پاڻ کي هيچ ۽ هن کي وڏو محسوس ڪيو هو.

"ڪتاب پڙهي پڙهي، تنهنجو مٿو ڦري ويو آهي."

هن جي چوڻ جي انداز ۾، مون لاءِ پيار (همدردي؟) هو ۽ ان انداز ۾ پورو اعتماد پڻ ٿي ڪيو. مون کي پنهنجي ڦڪائيءَ جو احساس پاڻ ٿيو هو.

هو وري کليو هو. منهنجي جواب تي وڏو ٽهڪ ڏئي. اوهيو ڪولڻ ۾ ٻند ٽيڻ جو گهگهو وڳو آهي، هاڻ ته اٿان

وقتائتو موت

● مري ويو!

خبر ناهي ڪيس مرڻ گهربو هو يا نه. بهرحال مري ويو. اوچتو. صبح جو مٿل ڏٺائونس. جيتوڻيڪ اهو وهم ۽ گمان ۾ به ڪونه هو، ته ڪو ائين، انهيءَ عمر ۾، اوچتو مري ويندو. رات تائين بنهه چاق چڱو ڀلو هو. ڪلهه شام جو مون ٽيڻ ڏاري، ڀڻس پڇيس:

'ڪراچيءَ اندروبو ڏيڻ ڪونه وئين؟'

"نه."

"ڇو؟"

”ڀاڙو ڪونہ هو.“

”ھوءَ مون کي ڀڏائين ها، يا ماڻھين کان گھرين ها.“

چپ.

”وات ۾ لڦون انئي؟“

چپ.

”باقي ڪاڻ مھل ڀئي گوڏا ڀجي اچي وهندين، نواب جو ڀٽ.“

”پيسا گھرندي شرم ٿئي آيو.“

”کائيندي شرم نتو اچئي.“

چپ.

پوڙهي جي ٻڙ-ٻڙ سمجھ ۾ نہ ايندڙ...

چپ، جھڙي ڀت. بي جان بوتو.

انهيءَ کان اڳ:

”رئيس وٽ درخواست ڪئي ويو هئين؟“

”ها.“

”هوءَ ڇا چيو هٿائين؟“

”چيائين، مان ڪوشش ڪندس.“

”ٻيو ڪجھ نہ چيائين؟“

”نه.“

ڪنهن دفعي:
رئيس وٽ ويو هئين؟“
”نه بابا.“
”ڇو؟“

”هن ڪان اڳ ڪيترا ڀيرا ويو آهيانس. ٿاري ڇڏيو اٿائين. مان سمجهان ٿو ته ڏنا ٿو ڏئي...“

”تون سمجهين ٿو... نوڪري توکي گهر ويٺي ملندي. ڪيڏانهن ويندي ڪونه باقي... حرام ڪائو. ڇو ته حرام هڏين پئجي ويو اٿم. ٻيا ڇوڪرا ڇڻ ڪوششون ڪونه ٻيا ڪن. هن رئيس کي اصل ٽالهيءَ ۾ رکي ڏجي...“

چپ.

اها سندس خاصيت هئي: گهڻو ڪري چپ، گهٽ ڳالهائو. ڇڻڪ بلڪل نارمل، ٺڏو مزاج. ڪڏهن به ڪاوڙ، چڙ، يا ڪنهن به قسم جي تاثر جا پاوَ سندس چهري تي نه ايريا!

ماسس چيس:

”ابا، هيترو پڙهيو آهين، ته به توکي نوڪري نٿي ملي؟“

"بس ماسي، چا ڪيان!"

"ڪهڙو امتحان پاس ڪيو اٿئي؟"

"ايم-اي."

"پٽي صاحب جي حڪومت ۾ ته، ديگ چڙهي پئي آهي ابا، ڪجهه ڪوشش ڪر."

"ماسي، ڪيان ته پيو."

ماڙس چيو:

"جن هن ڪان اڳي پاس ڪيو، تن کي به نوڪري ملي وئي، جيڪي هن ڪان به گهٽ پڙهيل تن کي به نوڪريون ملن پيون، باقي هن جو الاءِ ڪهڙو پاڳ قتل آهي..."

"امان، ڪوشش ڪندو آهيان، جيڪو منهنجي وس ۾ آهي."

"پوءِ به نٿي ملئي نه، اصل نڀاڳو آهين."

"هيڏي پڌ."

"جيءُ، بابا."

"ڪٿي هئين هن مهل تائين؟"

"اتيئي."

"رلڻ پنڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو ڪم به اٿئي."

چپ.

"پر ڪو وزير ٿو اچي، عام ڪچهري ڪندو. تون درخواست کڻي وڃينس، ۽ سچي حقيقت ٻڌائينس: غريب ڪلارڪ جو پٽ آهيان، بابو هڪ ڪمائڻ وارو آهي. ۽ مٿان ٻار..."

"انهيءَ لاءِ ويو هوس."

"ڪيڏانهن؟"

"ڊي. سيءَ وٽ."

"ڊي. سيءَ وٽ ڇو؟

"اجازت نامي لاءِ."

"ته اجازت نامي کان سواءِ عام ڪچهريءَ ۾ نٿو وڃي سگهجي؟"

"نه، بابا."

"ڊي. سيءَ ڇا چيئه؟"

چيائين: "نوڪريءَ لاءِ درخواست پيش ڪري نٿي سگهجي. اهو عام مسئلو آهي."

پٽس چپ.

پاڻ به چپ.

ٻاهران آيو. رات گهڻي گذري ويئي. پٽس در کوليندي پڇيس: "ڪٿي هئين هن مهل تائين؟"

"اٽڪي... بس دير ٿي وئي..."
ماڻس جاڳي. پڇائين: "ڪير آ؟"
"تنهنجو ڪاٽو پٽ. ڪمائي آيو آهي"

چپ.
"ماني نہ کائيندين! رئيس."
"نہ بابا. بک ناهي."

جيتوڻيڪ ڪيس سخت بک لڳي هئي!

"انٽرويو ڏئي آئين؟"
"ها بابا."
"پوءِ؟"
"انٽرويوءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ پڇيائون. رڳو نالو، پيءُ جو نالو ۽ تعليمي لياقتون پڇي ڇڏي ڏنائون."
"پوءِ آهي ڪو آسرو؟"
"الاءِ بابا... پر سڀني پئي چيو تہ اپائنٽمينٽ اڳ ۾ ٿي چڪي آهي. هيءُ رڳو فارملٽيءَ جي پورائي لاءِ آهي."
"هون—"

نوٽبڪ/ڊائريءَ منجهان *

*

بي معنيٰ زندگي... هڪ چرئي جو خواب. خواب ڏٺو هوم ته... سڀ ڪجهه بڪواس، بيڪار.

*

سمجهه ۾ نٿو اچي ڇا ڪيان؟ منهنجي وس ۾ جو ڪجهه آهي ڪيان ٿو. نه چاهيندي به، ڪيان ٿو. انٽرويو. وڏيرن وٽ. آفيس ۾ جتي انتهائي ذليل ٿيڻو پوي ٿو، وڃان ٿو. پوءِ به...

*

پاڙي ۾ رات هڪ پوڙهو مري ويو. ٻڌندي اوچتو ڀيانڪ خيال آيم: بابا مري ويو......

---

* لوٽبڪ نه هو هڪ پراڻي، وقت گذريل (out of ated) ڊائري هئي، جنهن ۾ ضابطي ۽ قاعدي پٽاندڙ، جيئن روزاني ڊائري لکبي آهي، لکيل نه هئي. بس: ڪڏهن ڪڏهن جا تاثر، رد عمل يا ٻيو ڪجهه... جن مان ڪن تي تاريخي ڳالهيون لکيل هيون ۽ ڪن تي ڪجهه به نه.

وڏي پٽ جي حيثيت سان- گهر جو بار— سڄو جسم ڪانڊارجي ويو ۽ پنهنجو وجود (مناسب لفظ ذهن تي نٿا اچن، جيڪي انهيءَ گهري احساس جو اظهار ڪن). دل چيو: جيڪر ڇريو ٿي وڃان. ڇرئي ٿيڻ ۾ زبردست ڇوٽڪارو آهي. نجات آهي.

ڪاش! ڇريو ٿي وڃان.

*

سمجهه ۾ نٿو اچي مان زنده ڇو آهيان.

*

ڊاڪٽر ليڪا. ۾ ننڍا گل ٿهيل. ۽ ڪنڊ نٿو لڪيل:

ڪيڏو نه بيچين، بيوسڪو آهيان. ڪاش! اها جاءِ ملي جتي اوڇنگارون ڏئي روئي سگهان.

*

بابا گهٽ وڌ ڳالهايو.

سوچيم: اگر ڪجهه ٿورو چوندو هو ته، ورجائيندو هو ماڻس ۽ هاڻي! ائين خاموش، چپ، بيحس ڇوٿو

ٻڌاءِ! ڇو نٿا ڳالهايو! واقعي ائين آهي؟ مون کي ڪجهه ڇو نٿو ٿئي!

منهنجو اندر، احساسَ، زندگيءَ جو جوهر، ۽ وجود جو احساس ۽ ”ماءُ“... سڀ ڪجهه مري ويا آهن. مرونجي ويا آهن!

*

سچو ڏينهن هلي هليو، بابا جي لفظن ۾ رلي پئي، ٿڪجي آيس. سوچيم: جڏهن اڄ بابا ڪجهه چيو ته سامهون ٿيندو مانس. پر هن ڪجهه به نه چيو. موڊ ۾ هو. ماني کائي ڪانه کاڌم. سڄو ڏينهن ڪانه کاڌي هيم. ڪاوڙ يا تيسي جي ڪري نه. سچ پچ بک ڪانه لڳي. بک مري وئي آهي. پيار ۽ همدرديءَ منجهان سمجهايائين: ”پٽ، وڏيرن جي حڪومت آهي، اسان غريبن کي ذليل ٿيڻو ئي پوي ٿو، نااميد نه ٿيءُ...“ مون کي شرم محسوس ٿيڻ لڳو. جڻ ڳرو ڏوهه ڪيو هجيم. دل چيو: بابا اهو همدرديءَ ۽ پيار وارو ورتاءُ ڇڏي، ڌڙاڪي، گاريون ڏئي، ٿڪون هڻي، ڀڄا ڏئي، لتون......

*

وڏيري... وٽ درخواست ڪٺي ويس. هو ٻهلڙ پارٽيءَ جو اهم عهديدار آهي. ويٺو رهيس. لوسي ڪتي وانگر، لوسي ٻٽيو... پاڻ کي ڪيڏو محتاج، ذليل ڪريل ۽ گندي نالي جو ڪيڙو، بيغيرت، بڪاري محسوس ڪيم.

يا خودڪشي ڪرڻ گهرجي يا بغاوت... خيال... خيال......

هيءَ به ڪا زندگي آهي!!!

*

ڇا نوڪري ڪرڻ ضروري آهي؟

نيٺ ڇو؟

جيئڻ لاءِ —

پر ڊاڙيل بڻجي به جيئي سگهجي ٿو، چور، ٺڳ بڻجي به جيئي سگهجي ٿو.

....

....

گهر ۾ ماتم، روڄ راڙو. هاڙي ۾ افسوس ۽ ڏک.

— ڪيڏو شريف ۽ پيارو هو.

— خاموش نيڪ طبع ماڻهو.

— زندگي ۾ ويچاري ڇا ڏٺو، نوجوانيءَ ۾ ئي.

— ههڙا مدورا، سهاجري وري ڪٿي ڄمن.

— ....

ڪلارڪ جي پهرين تاريخ

ٽيون ڏينهن، ٽيهين تاريخ: جڏهن سندس سڀ کان ننڍي نينگر ڪينئو ڪيو، پرچائيندي، ريجهائيندي چيائينس:

”... ٻارهينءَ پهرين تاريخ آهي نه، پگهار ملندي ته پوءِ توکي رانديڪو وٺي ڏيندس، سٺو سٺو رانديڪو جيڪو ٻان - ٻان ڪندو آهي.“

انهيءَ تي سندس وچينءَ ڇوڪريءَ رڙ ڪئي:

”بابا مون کي ٻه.“

”ها ٻچ توکي ٻه.“ ورائيائين.

”بابا مون کي گُڏي وٺي ڏجانءِ، جنهن کي ٻڙو پيل آهي.“

"ها پٽ توکي پڙي واري ڳڌي وٺي ڏني، بس!"

انهيءَ کان وڏي ڇوڪري، جيڪا مئٽرڪ جي ائين کلاس ۾ پڙهندي آهي، هن مهل تائين چپ ويٺي هئي، "بابا" لفظ کي سُر وٺائيندي چيو: "بابا... اڳئين مهيني به اوهان جاميٽري باڪس وٺي ڪانه ڏني هئي. مون کي مِس ڪيترا ڀيرا ڪلاس مان ڪڍي ڇڏيو... چيائين ته جيڪڏهن ايندڙ مهيني نه آندءِ ته پوءِ تنهنجو نالو ڪڍيو ويندو."

"ها بابا، تنهنجي جاميٽري باڪس پهرين تاريخ ضرور وٺي ايندس." وراڻيائين.

ڪاليج جي پهرين سال ۾ پڙهندڙ سندس ڇوڪرو، جيڪو بنهه خاموش ويٺو هو، اوچتو کيس يونيفارم جو خيال آيو. سندس نالو وٺندي چيائين: "آنو هن مهيني تنهنجو به يونيفارم پڪ ٺهرائي ڏيندس، ٺاهي؟ خاڪي پتلون ۽ اڇي قميص نه؟"

"ها بابا."

"بس ڏاڙهي، تنهنجو يونيفارم هن مهيني توکي تيار ملندو."

پڻس خاموش رهيو، نظرون جهڪائي آڱرين مان ٽڪاءُ ڪڍڻ لڳو.

جوٽس چيو: "هنن انگريز مڙسن جو به الاءِ ڪهڙو ابتو حساب آهي. هڪڙا مهينا ٽيهان ته ٻيا ايڪٽيهان،

Soorih Mirani

تنهن کان ته سنوان سڏا سڀ مهينا ٿيهان ڪري ڇڏين ها......“

”چري، اهو حساب سال جي ڏينهن موجب ٺهيل آهي،“ ڪلي زال کي سمجهائيندي چيائين: ”انهيءَ ۾ انگريزن جو ڪهڙو ڏوهه.“

”هر ايڪٽيهين مهيني ۾ سڪيءَ پگهار وارن جو روهه ڙلي ٿو وڃي،“ چوڻس چيو، ”...ءِ ها،“ کيس ياد آيو: ”وهاڻن جي ڇيٽن جو به ڪپڙو وٺڻو آهي. وهاڻن جي حالت ڏسين ٿو. چادرون به ڦاٽي ويون آهن، حال في الحال انهن کي ڪٽي ڇڏ، وري ٻئي پيري، پر ڇٽون ته ضروري آهن، باقي جا ٻئي وال ڪري...“

”چڱو، جهيڻي آواز ۾ وراڻيائين.

ٿيون ڏيهن، اڄ جي پهرين تاريخ وارو پر اميد ۽ آسپڙيو سپنو ڪيڏو نه سندر هو!

ويٺو آهي آفيس ۾ پنهنجي ڪرسيءَ تي. مليل ڪل پگهار، مهانگائي الائونس سميت پيسا ٦٢-٣٤٥ رپيا پيل کيسي ۾. ذهن ۾ پيل فڪر، ڳڻتيون ۽ سوچ جون ڇپائيون.

ليکي ٿو:

ڏيڻا آهن:

سيڌي وارو (راشن سميت)	٠٠ — ٢٥٠ رپيا
کير وارو	٧٥ — ٦٢ رپيا
ڌوٻي	٥٠ — ١٥ رپيا
چاءِ جي مسواڙ	٠٠ — ٥٠ رپيا
نلڪي واري کي (هيءُ به هر مهيني پيڻ چو··· ڪريوئي ڪريو پيو آهي.)	٠٠ — ١٠ رپيا
ٻارن جون فيون	٠٠ — ٥٠ رپيا
دوائن جو بل	٠٠ — ٤٥ رپيا
ورتل اوڌر	٠٠ — ٤٠ رپيا
لائيٽ جو بل	٠٠ — ١٣ رپيا
("ءِ؟ ···اه! هوديءَ جو ٽيڪس به، ته ڏيڻو آهي.")	٠٠ — ٩ رپيا
ٽوٽل	٢٥ — ٥٤٥ رپيا

جوڻس تي جڪ ٿا اچنس: "سيڌو گهرائيندي ته اڳ ـ پٺ جاچي ئي ڪونه." وري اوچتو هڪ معقول خيال اچيس ٿو: "مهانگائي آهي. پنجهتر ته اڳوڻا رهيل اٿس، باقي سو پنجهتر، جنهن ۾ ڪڻڪ، گيهه ۽ اٽو··· گاسليٽ، لوڻ مرچ، صابڻ ۽ الاءِ ڇا جو ڇا··· ڪو گهڻا ڪونه آهن.

Soorih Mirani

پگھار: ٦٢-٣٤٥ رپيا ۽ ڏيڍا آهن: ٢٥-٥٤٥ رپيا!

مٿو چڪرائجي وڃيس ٿو، پوانٿي! ڪمزوري محسوس ڪري ٿو ۽ نروس ٿئيس. سوچڻ، حساب ڪرڻ ڇڏي، هڪ ڏکھو ساهہ کڻي، ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏئي، سگريٽ ڪڍي ٿو ۽ ڪش هڻي وري سوچڻ شروع ڪري ٿو:

سيڏي واري کي هن ڀيري رڳو سو رپيا ڏيانس، باقي رکايانس، کير واري کي اڌ ڏيان ("کير پيئڻ ڇڏي ڏيڻ گھرجي، اجايو...)، ٻين کي به اڌ، اڌ ڏيان باقي مسواڙ ايندڙ مهيني ڪري گڏي ڏيان، ۽ ورتل قرض به گول...

سيڏي وارو ("هٽندو ته جهڳي پر خير")	..—١٠٠ رپيا
کير وارو	..—٣٠ رپيا
نلڪي واري کي	..—١٠ رپيا
بجلي	..—١٣ رپيا
هودي ٽيڪس	..—٩ رپيا
دوڪان جو بل ("نه ڏيان؟ ويهه ٿو ڏيانس")	..—٢٠ رپيا
فيون وغيره	..—٥٠ رپيا
	..—٢٣٢ رپيا

هاڻي: ٦٢—٣٤٥ رپيا

..—٢٣٢ رپيا وڃن

باقي ٦٢—١١٣ رپيا.

Soorih Mirani

تن ۾ مجي مهيني جو خرچ، يونيفارم، انهيءَ جي سبائي، ٻاڇيون پٽيون مٿيون خرچ...

ٻاڇيون وغيره ("جيڪڏهن روز نو ٻين رهئين ٠٠ — ٦٠ رپيا
جي ٻاڇي اچي، ته")

سگريٽ ماچيس چانهه وغيره ٠٠ — ١٥ رپيا

فيملي پلاننگ جون گوريون ("آپريشن ٠٠ — ٣ رپيا
ڪرائي ڇڏيان، پيسا به ملندا ۽ هن
مصيبت کان به ـــ")

آنوءَ جو يونيفارم ڪپڙو ۽ سبائي ٠٠ — ٥٠ رپيا

جاميٽري باڪس ٠٠ — ٥ رپيا

روزمره جو مٿيون خرچ ٠٠ — ١٥ رپيا

هتي ٿي سوا ٽيتاليهه تي ويا!"

ڪجهه نه سمجهه ۾ ايندڙ، ذهن ڳورو، ڄڻ ته مٿين ٻار اندر ڳتيل.

"ڇٺون، ٻارن جا رانديڪا، سندس (جوٽس جي) چمپل به بنهه بيڪار ٿي وئي آهي، نه ته ڪيچي، صابڻ آهي..."

اوچتو هن مهيني شمشاد جي شادي به آهي. ٻاڙهجي آهي، مون تي حق اٿس. گهٽ ۾ گهٽ جوڙو ته لهڻي، نياڻي آهي... پنجاهين ۾ ٿي ويندو، تنهن کان سواءِ هن موقعي تي ڪجهه نه ڪجهه ڏيڻو به پوندو... فرض ـ

ڪنهن ڪان؟ خدا بخش جا اڳيئي آهن، هن مهيني ۾ جڏهن هن کي نٿو ڏيان ته پوءِ گهرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، اڳ ۾ بي عزتي ڪئي اٿائين. ستار کان گهري ڏسان، نه ته پوءِ...

اوچتو ڪنهن پوسائيل، گهٽيل ۽ اونداهين کڏ ۾ ڪِريل، گهيريل ۽ قاتل هجڻ جو شديد احساس ٿيس ٿو: "هيءَ به ڪا زندگي آهي! مڇو ڏينهن ڍڳي وانگر وهه، تڏهن به هيءَ حالت!" بي خياليءَ ۾ سندس ڪاپو هٿ مٿي تي گهمي ٿو وڃي، جنهن تان وار ڪُسي وڃي ٽالي ماتر بچيا آهن.

ڪمزوري محسوس ڪري ٿو، ڄڻ سمورو رت ڪنهن چُوسي ورتو هجيس يا ڊگهي بيماريءَ مان اٿيو هجي. "گذري ويندو، جيئن هن وقت تائين گذريو آهي. هيءَ ته مقدر ۾ لکيل آهي." سڀ پنا ڦاڙي رديءَ جي ٽوڪري ۾ ڦٽا ڪري ٿو. ٻئي ٻانهون مٿي ڪري آرس ڀڃي ٿو. پوري بدن مان ٽڪاءَ نڪرنس ٿا.

"هلون." آواز ٻڌي ٿو.

"ٽائيم ٿي ويو؟" جهڪي لهجي ۾ سندس آواز، اٿي ٻاهر نڪري ٿو.

"...چئون، ٻارن جا رانديڪا، قرض ڏيندڙن جو ڪينو، منحوس منهن..." گهٽيون هڪ پيرو وري سندس وجود کي مڪين وانگر وڪوڙي وڃن ٿيون.

اتساهہ جو موت

ٽلل، اڻپورين کهاڻين جي هڪ کهاڻي

سياري جي ڏگهي رات. رات جا ٻارنهن. اڇو ڪاڳر. هٿ ۾ قلم. لکڻ لاءِ ڀرپور اتساهه:

”١٩٦٠ع. جنگ لڳل. شام جي مهل، سج لٿي ڪافي پوءِ، هلڪي اونڌه. بلئڪ آئوٽ ڪارڻ، روشني نه. روڊ رستا ٻسا، گهٽيل لڳندڙ، گهٽيءَ مان هڪ هندو لنگهي ٿو. ڏر تي ويٺل ڪتيءَ وانگر چار - پنج مسلمان وڪوڙي وڃنس ٿا!

— پنهنجي بابي هندستان جي جهازن کي تارچ تو ڏيکاري.

— جاسوس آهي، جهنم رسيد ڪيوس.

— (نه نه، مولا جو قسم اهو غلط آهي...)

— اڙي پاڻيچوٽ تنهنجو وري مولا ڪهڙو؟

— ڪافر! مولا جو نالو ته وٺين، پنهنجي پليد زبان سان.

اوڇتو: ڊي - پي - آر.

اتساهه مرونئيل، هٿ ۾ قلم، اڇو، اڇو ڪاڳر.

رات گهڻي گذري ويل. ليڪن لاءِ پرجوش اتساهه. پرندڙ سگريٽن جو دونهون ڦهليل. هٿ ۾ قلم. اڇو ڪاڳر:

استاد جمعو مستري صبح جو جڏهن ڪارخاني ڏانهن وڃڻ لڳو ته، معمول جي ابتڙ زال ڏانهن ڏسي، پنهنجي گنڀير منهن تي، زوريءَ مرڪ مڙهيندي چيائين: 'سڀاڻي، اڄ ملڻ، پنهنجي آخري گڏجاڻي هجي.'

'چو؟ ڏڻي خير ڪندو. ماريا، اهڙي وائسي ته نه ڪر.'

'اڄ اسان جي هڙتال آهي. شايد گولي هلي.'
سوال؟ ۽ ڳوڙهن ڀنل اکيون! گونگي زبان. ٻت هڪ هنڌ ٻوتو ٻڌل.

'ڇاڪاڻ ته، هتي لاش ٻه نه ليندا آهن.'

اوچتو: طبقاتي ڏٺيڙ هلائڻ، قلم...، سزا...

اتساهه مرونيل، هٿ ۾ قلم، اڇو ڪاڳر خالي خالي!

رات. چوڌاري سناٽو. وڇ ٻيٺل. هٿ ۾ قلم، لکڻ لاءِ ڀرپور اتساهه. ڪهاڻي— جيڪا بلوچستان جي هڪ تازي واقعي بابت:

"اها بلوچ عورت، جنهن جي..."

اوچتو: ڊي - پي - آر

اتساهه مرونيل، هٿ ۾ قلم، اڇو ڪاڳر، خالي خالي!

'اهو ٻڍو مڙس اسان کي، مون جي ڏڙي ڪان موٽندي ڏوڪري اسٽيشن تي، گاڏيءَ جو انتظار ڪندي، پليٽ فارم تي مليو. ترڪي ٽوپي، بادامي زرين جو ڪوٽ. هلڪي اڇي ڏاڙهي، ڪتر ڪيل مڇون ۽ ناسون، ناس

سان، ناسي ٽيل. هٿ ۾ اڇو رومال، جنهن سان ذري ذري، نڪ ۽ چپ جو مٿيون حصو صاف پئي ڪيائين.

— سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد آهيو؟

— ها سائين!

ڳالهائڻ شروع ڪيائين: سنڌ ڪي نئين سر جيارڻ جي هلچل... ها، سنڌي هڪ قوم ۽ آزادي سماجهي آزادگي ۽ سماجهائي ڪمزوري بڻيل. اوهان نئين دور جا نوجوان آهيو. ڇا اوهان ڄاڻو ٿا، تاريخ جي هر دور ۾ ڪمزوري يا هيٺائي وڏو ڏوهه آهي.
"اوهان منهنجا ساٿي آهيو. اوهان کي ٻڌايان: جڏهن هن ڌرتيءَ تي عربن، ايرانين، ارغونن، ترخانن، مغلن، مغلن جي ناجائز پونئرن، ها، حرامي..... ۽ انگريزن ۽ ٻين ڌورو ۽ لٽيرن پير اڄان هن ڌرتيءَ تي نه پيا ها تڏهن، ها، تڏهن...

(هلندڙ قلم هڪ هنڌ بيٺل)

اوچتو: سنڌي ڪا قوم ناهي، پاڪستان ۾ هڪ ئي قوم رهي ٿي، پاڪستاني. غداري — سزا...

انسان، رومال، هٿ ۾ قلم، هٿ هڪ هنڌ بيٺل، ذهن خالي

رات جو هڪ اڇو ڪاڳر، هٿ ۾ قلم، لڪن لاءِ ڀرپور اتساهه.

"هيءَ ان ماءُ جي لال جو ذڪر آهي، جنهن کي ٻوليءَ وارن ڪرايل فسادن ۾ گوليءَ جو شڪار ٿيو، ڪيرو جوان، هاڻي ڀرڻيل منهن تي هلڪي مچن جي ريکه......

سيڪشن...

اتساهه مرونجيل، هٿ ۾ قلم، هڪ هنڌ بيٺل.

"— سائين، هن ماڻ جيڪڏهن 'سنڌ' جو لفظ ڪڍيو ته بهتر..."

'— ؟ !

'— مان اوهان جي اڻ ـ پڇيل سوال کي سمجهي ويس. دراصل پريس ۽ پبليڪشن آرڊيننس... اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا.'

اوچتو سوالن جو سلسلو: جرئت جي گهٽتائي؟ پيٽ جو مسئلو؟ آزاديءَ جي مقصد تي ذات کي فوقيت؟ خود غرضي؟ منافقي؟

ليکڪ وٽان:

هِن اڻ - پورين ڪهاڻين پٺيان هڪ ڪهاڻي آهي: هڪ ڀرپور جذبي، اتساهه جي آتم ڪٿا. اهو جذبو، اتساهه جيڪو فطري طور پنهنجو اظهار ڪرڻ چاهي ٿو. جذبي جو اظهار ذات جو اظهار آهي. ذات، جا پنهنجي اظهار ۽ اوسر لاءِ آزادي گهري ٿي. ذات جو اهو اظهار، وقت جو پڙاڏو. وقت جي پڙاڏي کي ڪچلي، دٻائي سگهجي ٿو؟ سگهيو ويو آهي؟ هيءَ هڪ مڃيل سچائي آهي ته: ذات جو اظهار وڏي قرباني گهري ٿو.

هيءُ ديس، جنهن جي رهواسين جي خمير ۾ سادگي ۽ سچائي گڏيل آهي. سچائي، جن جو گڻ آهي. اتي ها، اتي، ساڳيهه سوديندڙ ۽ وڪائل به رهن ٿا. جيڪي اوچي ڳاٽ فخر سان غداريءَ جو اعتراف ڪن ٿا. اهڙا ڊونگي منافق به رهن ٿا، جي ڏاهپ ۽ ڄاڻ جو ڊونگ رچائي، وطن وڪڻندڙن سان ساٿياري ٿي، وقت ۽ موقعي جو ناٽڪي روپ ڌارين ٿا. جڏهن مندن پڪا آڏڙن ٿا، ته هو پنهنجي ڏوهن ۽ منافقيءَ وارن ڪرتوتن کي (پنهنجي ٻ ۾) لڪائڻ واسطي، تاريخ ۾ محب وطنيءَ تي هڪ هٽي قائم ڪري فتوائن جو سهارو وٺن ٿا.

تاريخ جي اکين ۾ هيءَ ڏوڙ وجهڻ جي ناڪام جا ڪوڙ، هڪ پاڻ - ڍڪيندڙ مشڪريءَ وارو ناٽڪ آهي، جيڪو...

ڇا مان ٻڌي، ڪو سانگ رچايان؟ ڪنهن بهاني،
انڪل بازيءَ حرفت، پنهنجي ڏوهه جي بار کي جهڪو
ڪرڻ لاءِ فتوا جو سهارو وٺان؟

نه بهتر آهي اعتراف ڪيان: پنهنجي سچن جذبي
جي اظهار جي سگهه تنهنجو ساريان. هن اعتراف سان،
مون کي هن حقيقت کي به مڃڻ گهرجي ته... هيءَ
منهنجي ذات جو موت آهي ۽ مان آهيان هڪ نئل
روح. چريو ڪندڙ انسانن ۾ ئي، مثل انسان زنده انسان
هوندا آهن. زندگيءَ جي مختصر وصف هن ريت به بيان
ڪري سگهجي ٿي ته: اڳتي اسرندڙ چرپر.

هڪ جيئري انسان جي مثل زندگي، جيڪو، لائيف
جي مڪينڪل ۽ مڙهيل روٽين ۾ هڪ مشين جي
بي جان پرزي وانگر، مقرر تيل حدن ۽ ماڻن موجب
چرپر ڪري ٿو. پر زنده جيو وانگر اڳتي نٿو اسري.

هيءَ انساهه جو موت نه، ذات جي حيات جو
موت آهي.

مثل زندگي

ڪراچي. ڊسمبر جي اداس شام. ڇڊا ڇڊا ڪڪر آسمان تي تڪرندڙ، آڳ ٻجهائيندڙ –

— خاموش آهين؟

— دراصل سياري ۾ شام جو سمهڻ ڪري مستي اهڙي ته وڪوڙي وجهي جو…

— تنهنجي مڊمُ؟

— حيدرآباد وئي آهي.

خاموشي –

— ڪٿي غلط وقت تي تہ نہ آيو آهيان؟

— نہ نہ، اهڙي ڪا ڳالھہ ناهي.

— ڳالهائين ڇو نٿو؟ اڇا ننڊ — ؟

— تنهنجي سياست جا ڪهڙا حال آهن؟

— پيارا، سياست منهنجي بابي جي ناهي، تنهنجي بہ آهي.

ڦڪائپ جو ٽهڪ.

خاموشي.

— تنهنجي عروس جو ڪهڙو حال آهي؟

— مڙئي ڳاڍو گهلجي پيو.

— مطمئن آهين؟

— رهڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهيان.

— منهنجو مطلب آهي: تنهنجو ضمير مطمئن آهي؟

— مون کي ڏي تون، منهنجي ضمير ڪان ڌار تہ ڪري نٿو سگهين.

— تنهنجي معنيٰ تہ تون پاڻ کي بي ضمير بنائڻ ۾ ورتل آهين...

— مان تنهنجي نتيجي کي رد نٿو ڪيان.

— ايڏي جرئت واري بي شرمي!

— نہ، حقيقت جو اعتراف.

خاموشي.

— پيا کهڙا حال آهن- وقت ڪيئن پيو گذري؟

— تو اهو سوال مون ڏانهن لکيل خط ۾ به ڪيو آهي. چاڻان ٿو، تون اهو سوال، هر ملندڙ کان پڇو هن ڪري ڪندو آهين ته: جيئن پنهنجي مقصد جي بيان لاءِ ميدان تيار ڪري سگهين.

— مطلب؟

— مطلب ته: جواب ڏيندڙ اڳلو، فطري طور پنهنجن حالتن جي غير يقينيءَ ۽ عدم سلامتيءَ جو رئڻو پٽيندو ظلم، بي انصافيءَ ۽ زيادتين جو بيان ڪندو، پيرانڪ ۽ غير سلامت مستقبل وغيره وغيره. پوءِ تون مڪينيڪل انداز ۾ لائين فٽ ڪرڻ شروع ڪندين: پيارا اسان جي ملڪ ۽ سماج جون اهي ڪڙيون حقيقتون آهن. جنهن جو احساس نه رکو تون، پر هر مظلوم انسان ڪري ٿو. پر بنيادي سوال آهي ته، اهي ڏاڍايون ۽ بي انصافيون ختم ڪيئن ٿين. رکو رئڻ ۽ شڪايتن سان ته ڪجهه نه ورندو. ضرورت هن جي آهي ته سڀ مظلوم طبقا گڏجي جدوجهد ڪن، تحريڪ هلائين، حال ۽ مستقبل جي سلامتيءَ لاءِ. تحريڪ هلائڻ لاءِ تنظيم جي ضرورت آهي، قربانين جي ضرورت آهي. چاڪاڻ ته...

وڏو ٺهڪ.

— وڏو حرامي آهين.

— تنهنجي انهيءَ فتوا سان اتفاق نٿو ڪيان.

— خير، هلون پاهر.

— هلون ٿا. مان هت - منهن ڌوئي وٺان.

— دير لڳندي؟

— خاص نه. تون تيستائين هتان ڪو ڪتاب ڪڍي ڏس.

— منهنجي خط جو جواب؟

— هتي نوٽبڪ ۾ اندر رکيل لفافي ۾.

— هي نوٽبڪ پڙهي سگهان ٿو.

— خوشيءَ سان. بڪواس لکيل اٿس، پڙهي وقت زيان ڪندين.

— ڇٻبو ته بڪواس به لکين ٿو.

— مان خود هن ڌرتيءَ تي بڪواس آهيان. چڱو، جلدي ڪپڙا مٽي وٺ.

خط:

تو مون کي ليڪچر پيارڻ سان گڏ، جيڪو هدايت نامون ڏنو آهي، انهيءَ بابت مان ڪجهه چوڻ نٿو چاهيان.

تو پڇيو آهي: وقت ڪيئن پيو گذري؟
سمجهان ٿو تنهن جو هيءُ سوال رسمي ۽
روايتي آهي. پر نه ڄاڻ ڇو، مون کي هيءُ
غير اهم ۽ رسمي سوال، حياتيءَ جو ڪيپ،
لڳندو آهي. ڇو ۽ موت جي وچ ۾ پيريل ۽
ڇرپر ڪندڙ وٿي، جنهن کي حياتيءَ جو نالو
ڏنو وڃي ٿو، انسان لاءِ انهيءَ جو گهاوڻو
بنيادي سوال آهي. هن سوال کي، هر ڪو،
پنهنجي ڍنگ، انداز ۽ روپ ۾ جواب ڏئي ٿو.
تجربي ۽ حالتن آهر. پنهنجي ان جواب مان
ڪير ڪيترو مطمئن يا غير مطمئن آهي، يا
اطمينان لاءِ ڪا ڪوشش ڪري ٿو، اهي الڳ
ڳالهيون آهن.

بهرحال— منهنجا دوست، گهاريان پيو:
نوڪري ڪيان ٿو، نه ڪرڻ چاهيندي به،
جو هن ڪان وڌيڪ ٻي ڪنهن به صورت ۾
ذليل ٿي نٿو سگهجي، پر پوءِ به هن ذلالت
جو بار ڪيٽرن جي پرپور خواهش رکان ٿو،
ڇاڪاڻ زنده رهڻو اٿم. هتائين هميشه هن
ڪشمڪش ۽ ڊپ جي ذهني عذاب ۾ پيو رهندو
آهيان ته: ڪٿي هيءَ ذلالت جو بار ڇڏائجي
نه وڃي. ۽ پوءِ ڇا ٿيندو جو پيانڪ سوال...
(خط نامڪمل)

نوٽبڪ ۾:-

چيائين: اداس آهين؟

چ-ء-م: ڪا ڳالهه ناهي.

چيائين: طبيعت خراب اٿئي؟

چ-ء-م: زندگي ئي خراب آهي.

چيائين: مطلب؟ وقلين ۾، يا فلاسافي ۾ ٿو ڦين؟

چ-ء-م: نه، تون نه سمجهي سگهندين.

چيائين: تون سمجهاءِ ته مان به سمجهان.

چ-ء-م: ڳالهه ڄڻو آهي ته: "الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهپون ڏک ڏين."

چيائين: مائين پلا، اها ڪهڙي ڏاهپ آهي، جنهن اوهان کي... (سندس لفظن کي محسوس ڪندي، نظرانداز ڪيان ٿو).

چ-ء-م: توکي خبر آهي ته: سنڌ اڄ تاريخ جي انهيءَ دور مان گذري رهي آهي، جنهن ۾ سندس مستقبل جو فيصلو ٿيڻو آهي، مان هڪ سجاڳ، حساس ۽ سلجهيل ذهن آهيان. چوڌاري ۽ وک وک تي جيڪو ظلم ۽ انياءُ، ڪميڻايون ۽ ذلالتون، ٿين ٿيون، ٻين سان يا خود مونسان، تن کي محسوس ڪيان ٿو ۽ ان احساس هيٺ پوڪيان ٿو. چاهيان ٿو ۽ ڄاڻان ٿو هيءُ سڀ

ڪجهه، تبديل ٿيڻ گهرجي، ختم ٿيڻ گهرجي، هن حقيقت کان سڄاڻ آهيان ته تبديليءَ جي هن جاکوڙ ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان ۾ پاڻ وڃائي ڇڏڻ نه رڳو اڄ جي حالتن ۾ منهنجو بنيادي فرض آهي، پر منهنجي ذاتي بي اطمينانيءَ ۽ ذهني ڇڪتاڻ جو علاج به. ڌاري هجڻ جو اهو تکو احساس آهي، جنهن جا ڪاپاري ڌڪ، مون کي ڪڏهن ڪڏهن ساڻو ۽ بيستو ڪيو ڇڏين، ۽ مان...

اوچتو احساس ٿيم ٿو ته، ڪٿي روايتي ليڪچربازي ته نه ڪري رهيو آهيان. چپ ٿي وڃان ٿو. خاموشي ٽوڙيندي، سواءِ ڪنهن اڳواٽ جي ويچار جي؛ فلم جو پروگرام پيش ڪيان ٿو: 'هل، ته فلم تي هلون.'

چئي نٿو سگهان، هيءَ بناوٽي ۽ وقتي فرار جا طريقا پناهه ڏيڻ ۾ ڪيستائين ساٿ ڏيندا؟

سنڌي شاگردن جو هڪ وفد آيو. ڪتابن تي پيل بندش خلاف احتجاجي جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نينڊ ڏيڻ واسطي. ڳالهين ڪندي ٻڌايائون جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اڪثر ليکڪن ۽ شاعرن مختلف عذر پيش ڪري

انڪار ڪري ڇڏيو آهي، جن ۾ قومي، عوامي وغيره لقبن سان نوازيل به شامل آهن. ڪين چيو: هي وقت ڪان اڳي، جوڪي وارو ۽ اجايو مارائيندڙ قدم ٿيندو. ڪنهن چيو: مان ٻچڙيوال آهيان، جي مون ڪي ڪجهه ٿيو ته منجهن ٻچن ڪي قوم ته ڪانه سنڀاليندي! ڪنهن نوڪريءَ جي مجبوري ڏيکاري! ڪنهن چيو: بابا، اها سياست آهي، اسان فنڪارن جو ڇا وڃي! ڪنهن چيو: صبر ڪيو، پنهنجن جي حڪومت آهي گهٽو ڪجهه ٿيندو. ڪن ٿلهو همدرديءَ جو جذبو ڏيکاريندي، پنهنجي شريڪ نه ٿيڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ ڪو وزني عذر پيش ڪندي جلوس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڍير صلاحون ڏنيون! ۽ جڏهن ڪين اسان ٻڌايو ته فلاڻا فلاڻا نالي ڇڙهيا انڪار ڪري چڪا آهن ۽ اسان کي جلوس ڪيڻ کان جهليو اٿن. ته ورنديءَ ۾ انهن صاحبن، ڪين گاريو ۽ لعنتن جا ڏوڙيا لائي ڏنا ۽ ڪين ڪانئر، ٻزدل، وڪاٽل، جي افظن سان نوازيو، خير مان سوچي رهيو هوس ته، ڪهڙو عذر پيش ڪيان. نيٺ ڪوبه عذر نه سمجهيو، يا اهڙي اخلاقي جرئت ساري نه سگهيس، شريڪ ٿيڻ جي هام ڀريم. همدردي ڏيکاريم ۽ چندو ڏنم.

چاڏان ٿو: مان جلوس ۾ ڪونه ويندس. مڃان ٿو، حالتن سان مقابلي جي جرئت ڪانه اٿم. سوچيان ٿو: مون جو شاگردن کي چيو ته، منهنجون همدرديون اوهان

سان آهن. سو، همدرديءَ جي ضرورت جرئتمند شاگردن کي آهي، يا مون کي، پنهنجو پاڻ کي!

●

اڄ آفيس ۾، ڪنهن حادثي سبب اوچتو، نوڪريءَ جي غير يقيني هجڻ جو شديد احساس ٿيو. هڙي قسم جي غير يقيني حالتن جي نتيجي ۾، غير سلامتيءَ واري اذيت ناڪ ڀوڳنا ڏينهون ڏينهن وڌندي ئي وڃي. سمجهه ۾ نٿو اچيم ته هيءَ سسيفس واري زندگي پنهنجو پاڻ تي ڇو مڙهي اٿم. ايتري قدر جو، هيءَ زندگي منهنجي ڪمزوري بڻجي وئي آهي!؟

●

ٽيون ڏينهن جي واقعي جنهن ريت مون کي ذليل ڪيو ۽ نيچپڻي جو شديد —

نوٽبڪ هٿن مان ڦريندي، ٿنو ڪندي: 'اڙي يار، ڇا پڙهي ڪندين. اٿ ته هلون.'

'اڙي، ٽورو —'

'Damn it, Come on.

ٻاهر، رمتي تي:

— ڪامريڊ ڇا ٿو سوچين؟

— تنهنجي خط تي ۽ نوٽبڪ ۾ لکيل—

— بڪواس آهي. وقتي طور اڀريل جذبن جو جذباتي اظهار. هن تي سوچڻ پنهنجي انرجي زيان نه ڪر.

— پر مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته سواءِ ڪنهن نصب‌العين جي، نيٺ تنهنجي زنده رهڻ جو مقصد؟

— پنهنجي جبلي گهرجن جي پورائي لاءِ متا ـ ڪٽ ڪرڻ.

— ته ڇا تون پنهنجي انهيءَ زندگيءَ مان مطمئن آهين؟

— ڪير به پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن نه آهي.

— اهو Defence Mechanism آهي.

— تون هن کي Defence reaction به چئي سگهين ٿو. پر ائين ڪرڻ يا ان انداز سان ائين سوچڻ، ضرورت پٽجيو پوي.

— پر پيارا، جبلي گهرجن کي ته جانور به پورو ڪن پيا. تون انسان آهين، هڪ سلجهيل ۽...

— سمجهه ته مان تنهنجي مفهوم وارو انسان نه آهيان.

— توسان پوءِ ڳالهائڻ اجايو آهي.

— مان ته ڪيترا ڀيرا اڳ به غرض ڪري...

— تون وڏو حرامي آهين.

— مان ھڪ مان جھڙي نٿو سگھان.

— هر سنجيدي ڳالھ کي مذاق ۾ ٽاريو ڇڏين. مان سوچي ٿي نٿو سگھان تہ تنهنجي ذات ايترو Degeneration جي اوڙاھ ۾...

— خير، تون ڇا ٿو چئين، تنهنجي راءِ جي اظهار جو حق مڃيندي، مان توکي ٻڌايان ٿو تہ: مان، ڏرمناالاجيءَ جي لفظن ۾ پنهنجي ذات جي اصليت کي نہ محدود رکڻ چاھيان ٿو، نہ ئي لفظن جي حدن اندر پنهنجي اصليت کي ڦولهڻ چاھيان ٿو.

— ٻوليءَ جا اهي لفظ: انسان، نيت پنهنجي انهن مقصدن لاءِ ئي ٺاهيا آهن. پر مان سمجهان ٿو تہ: منهنجو Degeneration وارو ريمارڪ شايد تنهنجي انا کي ڌڪ ٿي لڳو آهي.

— نہ، اهڙي ڪا بہ ڳالھ نہ آهي.

— پوءِ اوچتو، هيءَ تنهنجو تکو، ڏمريل ۽ اگرائيءَ وارو لهجو؟

خاموش—

— Wounded Pride?

— نہ: .Degeneration جو احساس.

ڪڏيل ٿهڪ.

– وڏو حرامي آهين. نيٺ تون لنوائين ڇو ٿو؟

– ان کان سواءِ ٻيو چارو ڪونه آهي. (گهڙيءَ جي ماٺ کان پوءِ) هڪ ئي چڪر ۾ گهمندڙ زندگيءَ جي بيزاريءَ واري ۽ هڪ- رنگي احساس کي مٽائڻ لاءِ ڪو سانگ ته گهرجي.

– ته پوءِ خط ۽ نوٽبڪ ۾ جو لکيل...

– بڪواس آهي. اڄ ته هن هوٽل ۾ چانهه پيئون.

– خاموش آهين؟

– ۽ بيزار به.

– سبب؟

– ڇا اهو ضروري آهي ته: هر ڳالهه کي سبب ڏنو وڃي.

– پيارا، تون گهڻو وقت پاڻ کي ٺڳين، دوکي ۾ رکي نٿو سگهين.

– ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته مان سمجهان ٿو، منهنجو ڇوٽڪارو ئي پاڻ کي ڪاميابيءَ سان ٺڳڻ ۾ آهي...

– بڪواس بند ڪر، ٻڌ، تون پاڻ کي گهڻو وقت دوکي ۾ نٿو رکي سگهين. تحريڪ کان جدا ٿيڻ کان پوءِ، تنهنجي لاءِ هن وقت بنيادي سوال آهي پاڻ کي ڪنهن ريت مطمئن رکڻ. تو پاڻ کي مطمئن

Soorih Mirani

رکڻ لاءِ، ٻين ڏوهه ڪندڙ ليکڪن جي ابتڙ، جنهن سوچ جو انداز اختيار ڪيو آهي، انهيءَ ۾ پنهنجي ڏوهي هجڻ جي اعتراف جو شديد احساس آهي، جڏهن ته همراهن ذاتي فائدن ڪري، قومي فائدن سان ملائي، انتهائي بي‌شرميءَ سان ذهني سڪون حاصل ڪيو آهي. غداريءَ ۾ محب‌وطنيءَ جا ڪارڻ ڳوليا آهن. پنهنجين بدمعاشين، ڪميڻائين ۽ ذلالتن ۾ مقصد جي خدمت جا پهلو ڳڻايا آهن. ڪوئڙائپ، بزدليءَ ۽ موقعي پرستيءَ کي موقعي شناسيءَ جو ليبل لڳايو آهي، هو انهيءَ ۾ خوش ۽ مطمئن آهن. تو جيڪو انداز اختيار ڪيو آهي، انهيءَ سان تون پاڻ کي ڪڏهن به مطمئن ڪري نه سگهين، چاڪاڻ ته...

— خير، مان آئينده ڪوشش ڪندس ته اهڙن ايماندار جذبن جي اظهار جو شڪار نه ٿيان.

— اها خودڪشي ٿيندي.

— چاڙان ٿو. پر چاهيان ٿو،

— پر تون ائين ڪري نه سگهندين.

— اها تنهنجي پنهنجي Optimism آهي.

— تنهنجن موجوده حالتن ۽ ذهني ڪيفيت کي اڳ رکي، مان توکي هڪ مختصر ڪم سونپڻ چاهيان ٿو، اهو هيءُ ته ڪڏهن‌ڪڏهن اسان کي مضمون...

— مان اهڙي ڪا به جوابداري کڻي نٿو سگهان.

Soorih Mirani

— تون ذليل آهين.

— مٿل زندگين تي اهڙن لفظن جو اثر ڪونه ٿيندو آهي.

خموشي، اداس ۽ ڇيندڙ خاموشي. اوچتو، هوٽل ۾ ٿيندڙ گوڙ جو احساس ۽ بيزاري.

اگھاڙو سچ

ماڊڪ: بيرحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ. سنڌي ليکڪن جي ٻڪڙي قطار کان هٽيل، ڪٽيل ۽ الڳ. جنهن کي سنڌي ادب جا تازا ٺيڪيدار ليکڪ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ پڙهندڙ هن کي شوق سان پڙهڻ کان پوءِ گاريون ڏيندا آهن.

ڏسڻ ۾ بنهہ سادو، اڻوجهہ. پر اصل ۾ ميسوٽو. اڳ ۾ گرم بحث ڪندڙ، هاڻي گهڻو ڪري خاموش رهندڙ، من ۾ خطرناڪ ڳالهيون سوچيندڙ ۽ رڳو سوچيندڙ نہ. جيڪڏهن هو اهي خطرناڪ ڳالهيون من ئي من ۾ سوچيندو رهي تہ اسين سڀ ڏک ۾ رهون ها. اسين سڀ الاجي ڇا ڇا سوچيندا آهيون، الاجي ڇا ڇا ڏهاڙي ڏسندا رهندا آهيون — گنديون، ڪنيون، واهيات ڳالهيون. پر پاڻ ئي انهن تي لڄي ٿيندا آهيون، پنهنجو پاڻ کي ڇڪيندا آهيون ۽ مڃڻ کان انڪار ڪندا آهيون تہ اسان جي ذهن ۾، اسان جي چوطرف اهڙو گند بہ آهي.

اسان وٽ ڪلاسيڪي چوٽي آهي ته ڪنهن کي قلهوريو ته ڏپ ڪندو. هن نئين دور ۾ اسين سچ کي لڪائڻ جي خلاف آهيو، اسين سڀ حقيقت پسند آهيون، پر ان سان گڏ مهذب پڻ آهيون. اسين سچ کي، حقيقت کي ڪپڙا پهرائي پيش ڪندا آهيون.

۽ ماڻڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوهه اهي ئي ادو ته هو اگهاڙو سچ ٿو پيش ڪري، هن حقيقت تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن. آئون چاڻان ٿو ته اسان مان گهڻا ان ڳالهه کي قبول نه ڪندا. ها، جي چاهين ته ماڻڪ کي دل کولي گاريون ڏئي سگهن ٿا، پر اهو خيال رکن ته وڏي وات گاريون ڏيندي ڳڻون وهائيندي، رڙيون ڪندي ڪٿي چريا نه ٿي پون ۽ ڪپڙا لاهي رستن تي ڊوڙڻ نه لڳن. نه، اسين مهذب ماڻهو آهيون. اسين رڳو منهن بڇڙو ڪندا سين ۽ ماڻڪ کي آهستي آهستي فضيلت سان پڻ ٿي ڪڇيون گاريون ڏئي ڇڏيندا سين. تهذيب ۾ رک رکاءُ، مصلحت پسندي ۽ ٿوري منافقت اڻ ٽر آهن.

۽ انهن ئي ڳالهين کي نون ڪهاڻيڪارن قبول ڪري ڇڏيو آهي، تڏي ڇڏيو آهي. روايتن جو ليڪو لنگهي ويندڙ، اگهاڙو سچ پيش ڪندڙ لڙهندڙ نسل جا ليکڪ جن کڏهن پيغمبر هئڻ جي، سونهين هجڻ جي دعويٰ نه ڪئي آهي. هو پنهنجي ذهن جو، پنهنجي وجود جو بار لڪڻ وسيلي لاهڻ چاهين ٿا. ۽ اهو رڳو هنن جو بار ڪونهي، سڄي نئين ٽهيءَ جو بار آهي، نين حالتن جو بار آهي. ماڻڪ ان بار لاهڻ جي، اسان سڀني کي آجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

شوڪت حسين شورو

Soorih Mirani

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورهه· ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488